يادگار

# سنڌي ٻوليءَ جي سکيا

سي. ٽي ڪورس لاءِ


مصنف

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

ايم. اي (سنڌي) پي. ايچ. ڊي



يادگار پبلشرز

يادگار لين حيدرآباد

فون: ٢٤٤٩٨

يادگار

# سنڌي ٻوليءَ جو سڪيا

(سي-ٽي) ڪلاس لا

Ishaque Ursani Library
263 ڪتاب نمبر
تاريخ
عرساڻي

مصنف

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

ايم-اي (سنڌي) پي-ايچ-ڊي

ياد گار پبلشرز
يادگار زين حيدرآباد
فون ۲۴۴۹۸

کي مدنظر رکندي هي ڪتاب تصنيف ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ خاص طرح سان سي. ٽي ڪلاسن جي شاگردن جي نصاب مطابق مادري ٻولي پاڙهڻ جا اصول بيان ڪيا ويا آهن ليڪن هي ڪتاب ساڳي وقت پي.ٽي.سي پڙهندڙ لاءِ به ڪارآمد ثابت ٿي سگهي ٿو. هن ڪتاب ۾ هر قسم جو ضروري تفصيل ڏنو ويو آهي ۽ توقع آهي ته سنڌي زبان جا شايق ۽ تعليم ۽ تدريس سان تعلق رکندڙ استاد ۽ شاگرد هن تصنيف کي پنهنجي واسطي هڪ نهايت مفيد ۽ مددگار ڪتاب لهندا.

اهڙي دعويٰ ته ڪنهن به ڪتاب لاءِ نٿي ڪري سگهجي ته اهو ڪو هر لحاظ کان تڪميل تي رسيل آهي، ان ڪري مان به پنهنجي ڪوشش کي اجا اڻ پورو سمجهان ٿو ۽ يقيناً ان ۾ ڪي نقص به رهجي ويا هوندا، تاهم ايترو ضرور چوندس ته مون گهڻي محنت ۽ خلوص دل سان هي پورهيو فقط پنهنجي ٻوليءَ سان بي انتها محبت سببان ئي ڪيو آهي.

هن تصنيف ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت ۽ بناوت توڙي ان جي واڌاري ۽ اوسر تي روشني وجهڻ لاءِ هڪ علحده باب تحرير ڪيو هئم، ڇاڪاڻ ته عام پڙهندڙن توڙي استادن لاءِ جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا سان وابسته آهن، تن لاءِ اهڙي معلومات حاصل ڪرڻ نهايت ضروري آهي. ليڪن منهنجي ڪتاب جي ضخامت وڌي وڃڻ باعث اهو باب ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويو. انشاءالله ته ٻي ايڊيشن ۾ ان کي شامل ڪرڻ جي هر ڪا ڪوشش ڪئي ويندي.

پروفيسر شمس الدين عرساڻي

مورخه ١٨-٢-٨٦

# فهرست


| باب | عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- |
| پهريون | مادري زبان ڇا کي چئجي؟ ان جي اهميت ۽ مقصد بيان ڪريو. | ١-١٩ |
| ٻيون | مادري زبان جو ٻين نصابي مضمونن سان ڳانڍاپو. | ٢٠-٢٤ |
| ٽيون | مادري زبان پاڙهڻ جا مقصد | ٢٥-٢٩ |
| چوٿون | ٻڌڻ | ٣٠-٣٤ |
| پنجون | ڳالهائڻ | ٣٥-٤٨ |
| ڇهون | پڙهڻ | ٤٩-٥٩ |
| ستون | مطالعو ۽ ان جا مسئلا | ٦٠-٧٢ |
| اٺون | سنڌي ڪيئن پڙهائجي | ٧٣-٨٦ |
| نائون | لکڻ | ٨٧-٩٤ |
| ڏهون | سکيا جون امدادي شيون | ٩٦-١٠٧ |
| يارهون | لساني ڪم ۽ مشغوليون | ١٠٨-١١٨ |
| ٻارهون | سبق جو خاڪو | ١١٩-١٤١ |
| تيرهون | جائزو (چڪاس) | ١٤٢-١٥٠ |
| چوڏهون | سنڌي ذريعه تعليم جي واڌاري ۾ چند رڪاوٽون ۽ انهن جو سد-باب | ١٥١-١٥٦ |

بسم الله الرحمن الرحيم

باب پهريون

# مادري زبان، ڇاڪي ڇئجي؟ ان جي اهميت ۽ مقصد بيان ڪريو

تعليم ۽ سکيا ۾ مادري زبان هڪ وڏي اهميت رکي ٿي، پر سڀ کان پهرين اهو معلوم ڪنداسون ته تعليم جو بنيادي طور صحيح مفهوم ڪهڙو آهي؟ اسان جي ملڪ ۾ تعليمي ترقيءَ ۾ ڪهڙا قومي مقصد شامل ڪيا ويا آهن، جنهن کان پوءِ اها ڳالهه خودبخود ظاهر ٿي پوندي، ته ملڪي ترقيءَ توڙي تعليمي ڦهلاءَ ۾ مادري زبان هڪ اڻ ٽـُـس ۽ ضروري وسيلي جي حيثيت رکي ٿي.

## تعليم جو مفهوم

علم اها واحد شيءِ آهي، جنهن ڪري انسان ذات جي تهذيب ۽ تمدن ۾ واڌارو آيو آهي ۽ انسان، ترقيءَ ۽ ڪمالات جي اوچي منزل تي رسيو آهي. علم پرائڻ کان سواءِ انسان ڪامل بڻجي نٿو سگهي، بي علمي بدترين جهالت آهي. صرف تعليم ئي آهي جيڪا انسان جي دل ۽ دماغ کي منور ڪري ٿي. حضرت محمدصلى الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته ”علم حاصل ڪريو، پوءِ ڇونه ڪٿي چين ولائت وڃڻو پوي“ يا علم پرائڻو

”پينگهي ڪان قبر تائين“ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جن جو قول آهي ته ”حڪمت مسلمانن جي وڃايل وٿ آهي، جيڪا جتان به هٿ لڳي اتان حاصل ڪجي.“

تعليم جو مفهوم اهو آهي ته مادي ترقيءَ کان علاوه انسان روحاني عظمتن مان بهرور ٿئي. هو دنيا ۾ رهڻ ۽ زندگي گهارڻ جو بهتر ڍنگ سکي انسان اهڙي ته خوشگوار ماحول جو طالب ٿئي، جتي زندگيءَ جون خوشيون ۽ آسائشون نه هجن پر ساڳي وقت اتي اخوت ۽ رواداريءَ وارو جذبو به هجي انسان ۾ انفراديت سان گڏ اجتماعي ذميوارين جو احساس به پيدا ٿئي. تعليم جو مقصد رڳو زندگي گهارڻ جو سليقو سکڻ ناهي، بلڪ هڪ ڀرپور ۽ ڪامياب خوشين سان ڀريل زندگي گهارڻ آهي. افلاطون جو چوڻ آهي ته: ”تعليم اهو نور آهي جيڪو دل ۽ دماغ کي ڪيترن نون طرفن کان آشنا ڪري ٿو ۽ اهڙي روشني آهي، جيڪا جهالت ۽ ڪٽرپڻي جي غبار کي ڪافور ڪري ڇڏي.“ رسڪن جو چوڻ آهي ته: ”تعليم جو مقصد رڳو ماڻهن کي اڻڄاتل شين ۽ واقعن بابت علم عطا ڪرڻ ناهي، بلڪ کين خوشگوار زندگيءَ جو ڍنگ ٻڌائڻ آهي، جنهن کان هو محروم آهن.“

اسان وٽ تعليمي نصاب جو مکيه مقصد اهو بيان ڪيو ويو آهي، ته نئين نسل کي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن کان روشناس ڪجي ۽ کين ان جو هيراڪ بڻائجي. اهڙيءَ طرح جو نوجوان پنهنجي زندگيءَ کي ملڪ جي تهذيب سان هم آهنگ ڪري سگهن، نه رڳو ايترو بلڪ هو ان جي بقا، حفاظت ۽ اوسر کي پنهنجو نصب العين ڪري ڇڏين دراصل اها زبان ئي آهي، جيڪا ڪنهن علائقي اندر اتي جي رهاڪن جي خيالن عقيدن، پسند ۽ نا پسند جي معيار کان سواءِ رسم رواج، طور

غير مذهبن جا ماڻهو جوق در جوق اسلام جي حلقي ۾ شامل ٿيا. انڪري سنڌي زبان اصل کان ديني افڪار ۽ تبليغ جو ذريعو رهي آهي. ان ۾ ڪيترو صوفيانه ۽ ديني لٽريچر موجود آهي ۽ انهيءَ باعث پاڪستان جي ٻين علائقائي ٻولين سان به خاص قرابت اٿس. گويا سنڌي زبان ۽ ادب جي تحصيل سان قوم ۽ ملڪ جي اتحاد جي مضبوطي حاصل ٿئي ٿي ٻيو ته قومي ٻولي يعني ته اردو زبان ٻي به مادري ٻوليءَ جي وسيلي آسانيءَ سان عبور حاصل ڪري سگهجي ٿو.

باب ٻيون

# مادري زبان جو ٻين نصابي مضمونن سان ڳانڍاپو

جهڙيءَ طرح انساني زندگي هڪڙي ايڪي ۾ ڳنڍيل آهي، تهڙيءَ طرح مختلف نصابي مضمون به هڪڙي ايڪي ۾ ڳنڍيل آهن، ڇو ته سيئي علم انساني تجربن جو نچوڙ آهن ۽ هڪ ٻئي تي دارومدار رکن ٿا. اهي دراصل هڪ ئي وڻ جون شاخون آهن، جن کي جدا جدا ڪري نٿو سگهجي. هر علم جا بظاهر مختلف اطراف ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر اندروني طور اهو ٻين کان جدا ناهي. شاهه لطيف جو هيءُ بيت علمي مطالعي جي حقيقت تي به صادق اچي ٿو.

جيءُ سڀ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار!

جهڙيءَ طرح تصوير جا ڪئي مختلف رنگ ۽ زاويا هوندا آهن، ته به ڏسڻ سان انساني ذهن ۾ ان جو پورو تصور جمع ٿيندو آهي. ان ڪري مختلف نصابي مضمونن جي سکيا کي مادري زبان سان مربوط ڪري، ان کي ايڪي جي صورت ڏئي سگهجي ٿي. سنڌي زبان ته وري سنڌ ۾ ذريعهءِ تعليم طور رائج آهي ۽ اسين زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ان کي استعمال ڪريون ٿا ۽ مختلف مضمون ان جي وسيلي ئي پاڙهيون ٿا، جنهن ڪري ڪيترائي علم سنڌي زبان ۾ منتقل ٿي رهيا آهن ۽ ان ڪري سنڌيءَ کي به ترقي حاصل ٿي رهي آهي ۽ ٻين علمن جي تدريس ۽ سکيا به آسان ٿيندي پئي وڃي.

سگهي. پاڻ ڪتابن ۽ رسالن جو خاموش مطالعو به ڪري سگهي. اهڙيءَ طرح ثانوي منزل ۾ شاگردن جي پرائمري ڏاڪي تي حاصل ڪيل قابليت کي اڳتي وڌائڻو آهي، جيئن شروعاتي مشق کي مستحڪم بڻائي سنڌي ٻوليءَ ۾ معيار بلند ڪري سگهي. ازانسواءِ ثانوي ڪلاسن ۾ مطالعي ذوق کي بهتر بڻائڻ سان گڏ شاگردن ۾ تقرير ۽ تحرير جو ملڪو پڻ پيدا ڪرڻو آهي. ازانسواءِ ٻوليءَ جي سهڻن وصفن جي آگاهيءَ لاءِ ڪين عبارت نويسيءَ (ڪمپوزيشن) جي اصولن جي ڄاڻ به، هن ئي منزل ۾ ڏيڻ ۾ اچي ٿي، جنهن ڪري شاگرد سهڻي سنڌي ۽ انشاپردازيءَ جي فن سان بهرور ٿي ٻوليءَ جو صحيح معيار قائم رکي سگهن ٿا. هن ڏاڪي تي مباحثن جو ترتيبوار انتظام به لازمي طور ڪيو وڃي ٿو، جنهن سان شاگردن ۾ خود اعتمادي جو جذبو ۽ تقرير جو ملڪو پيدا ٿئي ٿو. بهرحال ثانوي ڪلاسن ۾ درجي بدرجي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا کي زياده وسيع بڻائڻو آهي، جيئن شاگردن جي لساني مهارت ايتري قدر ته وڌي جو هو ٻين مضمونن جي تحصيل لاءِ به پنهنجي ٻوليءَ کي قابليت سان استعمال ۾ آڻي سگهن.

۽ زبان سان مانوس ٿي جدا جدا مضمون پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي قابل ٿي وڃن ٿا. ننڍي عمر ۾ ٻار جيڪا زبان ڳالهائين ٿا سا ڪچي ڦڪي هوندي آهي، جنهن ڪري پڙهڻ ۾ ٻار کي لامحالہ مشڪلاتون پيش اينديون آهن. عموماً ابتدائي ۽ ثانوي درجن جي شاگردن ۾ لفظي استعمال، جملن جي ترڪيب، تذڪير تانيث ۽ جمع واحد جون انيڪ خاميون معلوم ٿينديون آهن. ڳالهائڻ سيکارڻ واحد طريقو آهي، جنهن سان اهڙا عيب شاگردن منجهان دور ٿي وڃن ٿا ۽ ٻوليءَ تي دسترس پيدا ٿيڻ سان هو آسانيءَ سان تعليمي مرحلا طيءِ ڪندو هلي ٿو. ڳالهائڻ سيکارڻ سان ٻار صحيح اچار ۽ تلفظ سان ڳالهائي سگهندو. هو درست ۽ صحيح ٻوليءَ تي عبور حاصل ڪري سگهندو. مهل ۽ موقعي جي لحاظ کان گفتگوءَ جو صحيح ڍنگ اچي سگهندس مافي الضمير جو اظهار ڪري سگهندو ۽ ان سلسلي ۾ هرڪا جهجهڪ دور ٿي ويندس. گفتگوءَ ۾ تسلسل ۽ رواني پيدا ٿيندي. خيالات ۾ ربط ايندس. ڳالهه ٻولهه ۾ صفائي، چٽائي ۽ موزونيت پيدا ٿيندس. لفظن جي ذخيري ۾ اضافو ٿيندو رهندس ۽ سهڻي گفتگوءَ جي عادت پوڻ سان منجهس جمالياتي احساس جي نشو نما جاءِ وٺندي. مطلب ته ڳالهائڻ ۽ گفتگوءَ ۾ صفائي ۽ پاڪيزگي شاگرد ۾ علم و ادب لاءِ چاهت وڌائڻ جو سبب بڻجي ٿي، جنهن ڪري هو اڳتي هلي معاشري ۾ بلند مقام تي رسي ٿو.

## تدريسي عمل سان گفتگوءَ جو تعلق

پڙهڻ لکڻ سيکارڻ ۾ ڳالهائڻ کي ته بنيادي حيثيت آهي ئي، ليڪن ان کان سواءِ به سکيا ۽ تدريس جو هر ڪو عمل موزون گفتگو وسيلي ئي احسن طريقي سان تڪميل تي رسي ٿو.

مطلب ته اهڙا ڪيترائي وسيلا ۽ طريقا آهن، جن کي هڪ هوشيار ۽ باخبر استاد استعمال ۾ آڻي صحتمند تعليمي ماحول پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ اسڪول جي فضا کي موافق بڻائي ٻارن سان ڳالهائي جن ڪمزورين ۽ رڪاوٽن دور ڪري سگهي ٿو.

باب ڇهون

# پڙهڻ

## اهميت

ڳالهائڻ کان پوءِ پڙهڻ، ٻولي جي ڄاڻ جو مکيه پهلو آهي. انهيءَ عمل ذريعي هر ڪنهن سمايل خيال جي لکوت کي سڃاڻي، با آواز يا دل ۾، ساڳي بيان کي ورجائي سگهبو آهي. اڄڪلهه جي دنيا جو ڪاروبار هلي ئي قلم ۽ ڪاغذ تي ٿو! قومن سان رابطو هجي يا ڪاله ڏي وٺ! علم ۽ سائنس جي تحصيل هجي. معلومات عام هجي. تمدن يا ثقافت جي حفاظت جو مسئلو هجي. گذشته انساني تهذيب يا تاريخ کي معلوم ڪرڻو هجي. مطلب ته انسان جي سڀني ڪارنامن کي صرف ”تحرير“ ۽ ڪتاب ۾ محفوظ ڪيو وڃي ٿو!!

پڙهڻ لکڻ سان ئي لکيتن کي سمجهڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي ۽ لکپڙهه مان استفادي جي سموري قابليت ميسر اچي وڃي ٿي. پڙهڻ هڪ اهڙو وسيلو آهي، جنهن جي اچڻ سان ئي انسان ۾ ڪتابن جي مطالعي جو شوق پيدا ٿئي ٿو. هر قسم جي تعليم جو بنياد پڙهڻ تي آهي. صرف ان مان ئي پنهنجي علمي ۽ فني معلومات کي وڌائي سگهجي ٿو. جهالت ۽ خام خيالي جو واحد علاج رڳو پڙهڻ آهي. تعليم پرائڻ سان نه فقط سماجي سهوليتون ميسر اچن ٿيون، بلڪ فرد جو وقار وڌي ٿو. دنياوي ڪاروبار، دفتري معاملا، خيالات جو تبادلو، علم ۽ فن جون مشغوليون ۽ تهذيب ۽ تمدن جون رونقون سڀئي شيون ان جي برڪت سان قائم ۽ دائم آهن.

ٻارڙن جو طريقو دلچسپ ۽ ماحول مطابق هجي. ٻارن جو نفسياتي جائزو وٺي، پنهنجي پوڻ جو اصل سبب معلوم ڪري، ان کي دور ڪرڻ گهرجي. ڪلاس ۾ گهٽ ذهين شاگردن ڏي خاص توجه ڏجي ۽ انهن تي وڌيڪ محنت ڪرڻ گهرجي. ڪين هر ڪنهن مشق ۽ عمل جا زياده موقعا ڏيڻ گهرجن، جيئن هو پنهنجي حواسن کي گهڻو استعمال ۾ آڻي سگهن. اهڙين ترڪيبن استعمال ڪرڻ سان، پڙهائيءَ ۾ پٺتي پيل شاگرد به مجموعي پڙهائيءَ ۾ ٻارن سان گڏ هلي سگهندا.

باب ستون:

# مطالعو ۽ ان جا مسئلا

## مطالعي جو مفهوم:

مطالعي کي سنڌيءَ ۾ ابياس به چئبو آهي، جنهن مان دراصل مراد ڪتب بيني آهي. ڪتاب پڙهڻ يا معلومات واسطي ان کي اٿلائڻ پٿلائڻ ۽ ان مان ڪم جي شيءِ ڪڍي نوٽ ڪرڻ يا وري ڌيان ۽ توجہ سان پڙهي ڪتاب جي مواد تي غور ۽ فڪر ۽ ان مان ساڳئي وقت ڪي نتيجا ڪڍڻ اهي سڀئي ڳالهيون مطالعي جي دائري ۾ شامل سمجهيون وڃن ٿيون.

مطالعو، شاگرد جي لاءِ هڪ ضروري وٿ آهي، ڇو ته سندس ذهني قوت، شعور ۽ سمجهه ۾ صرف ان صورت ۾ ئي واڌارو اچي سگهي ٿو. شاگرد کي صرف استاد جي سهاري تي نه هيرائجي. بيشڪ شروعات ۾ شاگرد کي وک وک تي استاد جي ضرورت پوي ٿي، پر آهستي آهستي اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي، جو ٻار خودبخود، پڙهڻ سمجهڻ ۽ مشڪلاتن جو حل ڳولڻ لائق به بڻجي سگهي ۽ هو پنهنجو پاڻ تعليم حاصل ڪندو رهي.

اسڪولي ٻارن لاءِ ”مطالعي“ جي اهميت هيٺين ڳالهين مان ظاهر ٿئي ٿي:

ٻارن ۾ پڙهڻ جو شوق پيدا ٿئي ٿو. چوندا آهن ته ڪتاب زندگيءَ جو بهترين رهنما ۽ ساٿي آهي. طالب علميءَ جو اهوئي مناسب زمانو آهي، جنهن ۾ ٻار کي آسانيءَ سان

ان ۾ استاد شاگرد کي ڪو نہ ڪو اضافي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندو آهي ۽ مقرر وقت بعد ان جي مواد تي سوال پڇندو آهي، جيئن معلوم ٿي سگهي تہ شاگرد ڪيترو پڙهي سگهيا آهن.

## ڪلاس لئبرري:

زير نگراني مطالعي کان علاوه هر ڪلاس کي پنهنجي علحده لئبرري بہ مهيا هئڻ گهرجي. استاد درجي جي معيار مطابق ڪتابن جي چونڊ ڪري الماريءَ ۾ رکي ڇڏي ۽ شاگردن جي گهرڻ تي کين وقت بہ وقت جاري ڪندو رهي. ڪلاس جي لئبرري شاگردن ۾ سرسري مطالعي جي عادت وجهڻ لاءِ هڪ بنيادي طريقو آهي. ڪلاس ۾ رکيل ڪتابن جو تعداد مختصر ٿيندو آهي ۽ جڏهن شاگرد اهي سڀئي پڙهي پورا ڪري ڇڏي ٿو تہ پوءِ سندس شوق کيس اسڪول جي وڏي لئبرري تائين وٺي هلي ٿو، جتي سندس ذوق جي تڪميل واسطي گهڻا ڪتاب موجود ٿين ٿا.

سرسري، خاموش يا زائد مطالعي ۾ استاد کي هڪ ڳالهہ تي تمام گهڻو ڌيان ڏيڻ گهرجي. هو ڏسي تہ شاگرد گهٽ درجي جا قصا ۽ ناول تہ نہ ٿا پڙهن، جيڪي بازار ۾ عام طور وڪامندا رهندا آهن، ڇو تہ اهڙو مواد ٻارن جي اخلاق تي خراب اثر وجهندو. مطالعي مان صحيح فائدي جي برهوابيءَ لاءِ استاد کي شاگردن تي گهري نگراني رکڻ گهرجي ۽ هو پاڻ وقت بہ وقت شاگردن کي ڪتابن جي انتخاب ۾ رهنمائي ڪندو رهي.

## ٦- مطالعي جا چند اصول

١- مطالعي ڏانهن صحيح رهنمائي:- (داخلي سبب ۽ خارجي سبب) هڪ استاد اضافي مطالعي ڏانهن، شاگردن جي

ڪي جاري رکڻ لاءِ ڪجهه خارجي اسباب تـي نظر رکڻ بـہ ضروري آهي، جن ۾ وقت جـو صحيح انتخاب ۽ موزون هنڌ بہ شامل آهن.

(۱) هنڌ:

ذاتي مطالعي لاءِ اگر گهر ۾ ڪـو ڪمرو مقرر هجي تہ بهتر نہ تہ پوءِ ڪوبہ اهڙو گوشائتو هنڌ وٺي ويهي رهجي، جتي ڪوبہ مخل نـہ ٿيندو هجي. مطالعي واري هنڌ ۾ گهڻو هل ۽ گوڙ نہ ٿيندو هجي ۽ خاص طور تـي ريڊيو جي ڳائڻ جو آواز اتي نہ پهچندو هجي، جيئن مطالعي وقت طبيعت بحال رهـي ۽ دل سان پڙهـي سگهجي. گهري مطالعي جـي عادت سان ئي ڪتابن گڏ ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيندو آهي ۽ شاگرد ننڍي عمر ۾ ئي پنهنجي ”ذاتي لئبرري“ ٺاهڻ شروع ڪندا آهن.

(۲) وقت:

مطالعي جي عادت ۾ وقت جو مقرر ڪرڻ تمام ضروري آهـي. ائين ڪرڻ سان هڪڙو تـہ طبيعت ۾ باضابطگي پيدا ٿيندي، پوءِ تہ ٻيا ڪم بـہ پنهنجي پنهنجي وقـت اندر لاڳيتو ٿيندا رهندا. ان کان سواءِ کٽ تـي ويهي ۽ سمهي مطـالعو ڪرڻ نہ جڳائي، بلڪ ان لاءِ مناسب اهو ئي آهي تہ ڪرسيءَ تي ويهي پڙهجي، جيئن جسم سڌو رهي سگهي.

باب اٺون

# سنڌي ڪيئن پڙهائجي؟

## تدريسي طريقا:

سنڌي تعليم جي ڪاميابيءَ جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته ان کي ابتدائي ڪلاسن ۾ سائنٽيفڪ ۽ مؤثر طريقي سان پاڙهيو وڃي. اهو طريقو ٻوليءَ جي بناوت ۽ مزاج وٽان ۽ هجي ته شاگردن جي طبيعت تي بوجه به نه ٿئي. ابتدائي تعليم جو بنياد مضبوط هوندو ته پوءِ ان تي ڪيڏي به اوچي عمارت تعمير ڪري سگهجي ٿي. پاڙهڻ جي مختلف طريقن تي بحث ڪرڻ کان اڳ، سنڌي سيکارڻ ۾ جيڪي چند دقتون بيان ڪيون وڃن ٿيون، تن بابت گفتگو ڪجي ٿي.

سنڌي حروف تهجي متعلق اڪثر ٻڌبو آهي، ته اها گهڻو منجهائيندڙ ۽ مشڪل آهي ۽ ٻار ان تي آسانيءَ سان عبور ڪري نٿو سگهي. ٻين خامين کان علاوه، سڀ کان مکيه اعتراض اکرن جي وڏي تعداد متعلق هوندو آهي. مثلاً انگريزي ۾ ٢٦ حرف آهن، فارسيءَ ۾ ٣٢ ۽ عربيءَ ۾ رڳو ٢٨ حرف ٿين ٿا، ان جي برعڪس سنڌي حروف تهجي ٥٢ اکرن تي مشتمل آهي، جنهن ڪري ٻار پڙهائيءَ جي ڏاڪي تي دير سان پهچن ٿا.

اهڙا سڀئي اعتراض حقيقت جي برخلاف آهن. سنڌي زبان جو خط تقريباً مڪمل آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ گهڻو ڪري سمورن صحيح Comonants ۽ مصوت Vowels آوازن لاءِ الڳ الڳ نشان موجود آهن. سنڌي رسم الخط اصل ۾ عربي

هجن ۽ نقص ۽ دشواريون گهڻ هجن. انهن ڪريون جو موجوده مروج طريقي يعني ٽجملي‌وار طريقي، ڪي ته جيئن جو تيئن اختيار ڪريون مگر درجي بدرجي ٻارن کي هجي جو استعمال به ضرور ڪرائجي، ائين ڪرڻ سان شاگرد پڙهڻ تي جلدي دسترس حاصل ڪري سگهندا.

١- ليڪن ۽ نقطن ڏاهڻ لاءِ هٿ ۽ قلم کي مناسب
چرپر ڏيارڻ لاءِ مشق.

٢- ڏسو ۽ لکو جي طرز تي ڪن اهڙن لفظن جو نقل،
جن جا اکر ترڪيب ۾ جدا جدا هجن. مثلاً وات، ڏر، بوڙ،
دوا، وغيره.

٣- جدا جدا اکرن جي سڌي شڪل ڏاهڻ جي مشق.
٤- مختلف اکرن جا مٿيان حلقا ڏاهڻ جي مشق.
٥- ٻه اکرا، ٽه اکرا، چار اکري لفظ بنائڻ جي مشق.
٦- جملن لکڻ جن مشق.

شروعات ۾، قلم سان پٽيءَ تي، ڪاڻيءَ سان زمين يا
ريتيءَ تي چاڪ سان بورڊ تي، پين سان سليٽ تي ۽ پينسل
سان ڪاغذ تي ليڪن ڪيڻ جي مشق ڪرائي وڃي ته مفيد
ٿيندو. ٻار انهيءَ قسم جي ڪم ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺن ٿا
سنڌي لکڻ سيکارڻ ۾ هيٺين بنيادي چرپر جي مشق جي ضرورت
پوي ٿي، ان جي بناوت اکري شڪلين جي جدا جدا جزن
مطابق آهي.

١- سڌيون عمودي ليڪون - مٿي کان هيٺ ۽ هيٺ
کان مٿي. (مثال ا، گا)

٢- سڌيون افقي ليڪون - ساڄي کان کاٻي ——
(مثال ب - ت - ث)

٣- نيم دائري واريون ليڪون - ساڄي کان کاٻي ۽
کاٻي کان ساڄي
(مثال ن - ع - ڪ - چ)

٤- چوٿ دائري واريون ليڪون -
(مثال و - ر - ڙ - ذ)

انفرادي چر پر ڏانهن ڌيان ڏئي ۽ اصلاح لاءِ قدم کڻي. غلط
اکرن جي سامهون صحيح اکر لکي يا غلط اکرن جي مٿان
قلم گھمائي ان جا صحيح نشان ظاهر ڪري. اجتماعي خامين
جي اصلاح بورڊ تي ڪري، جيئن سڀ شاگرد ڏسن. اکرن جي
جدا جدا صورت واري مشق مڪمل ٿئي ته پوءِ ساڳيءَ ريت
ٻارن کي ڳنڍيل اکرن وارين صورتن جي مشق ڪرائجي ۽
ابتدائي، درمياني ۽ آخري بناوت ڏاهڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائجي.
اهڙيءَ طرح اکرن جي ترڪيبي بناوت ۽ لفظن لکڻ جي
مشق گڏوگڏ هلندي رهي. ان کان پوءِ عبارت نويسي شروع
ڪرڻ گھرجي. سٺن اکرن لکڻ لاءِ اول ڪلاس ۾ شاگردن
جي انفرادي توڙي اجتماعي سکيا جي ضرورت پوي ٿي، جنهن
کان پوءِ مشق جي ڪاپين جو استعمال ڪرائڻ بہ ضروري
آهي، جيئن ٻارن جي هٿن ۾ لکڻ جي صفائي ۽ پختگي
پيدا ٿئي.

ڏسي سگهون ٿا، جن جو اسين خوردبينيءَ کان سواءِ مشاهدو ڪري نٿا سگهون. مثلاً انسان جي جسم ۾ رت جا ڳاڙها جزا ۽ اڇا جزا ڪهڙيءَ طرح عمل ڪن ٿا ۽ اڇا جزا ڪهڙيءَ طرح بيمارين جي جيوڙن سان مقابلو ڪري، انهن کي تباهه ڪن ٿا وغيره. مطلب ته فلمن مان انيڪ تعليمي مقصد سولائيءَ سان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

هاڻوڪي جديد زماني ۾ سمعي ۽ بصري امدادي شين جي موجودگي تعليم ۾ ڪيترين ئي آسانين پيدا ڪري ڇڏيون آهن. ريڊيو ۽ ٽي-وي به اڄڪله انهن وسيلن ۾ شامل آهن، جن جي ذريعي سبق جي سماعت درسگاهه جي اوقات کانسواءِ به ٿي سگهي ٿي. مثلاً ريڊيو جا تعليمي پروگرام، ٽيپ رڪارڊ، رڪارڊ پليئر ۽ ڪئسيٽ وغيره سترين ملڪن ۾ ڪثرت سان استعمال ٿي رهيا آهن.

وڌائي ٿي، بلڪ هر ڪنهن شعبي جي ڪم اڪلائڻ ۾ سندس مددگار بڻجي ٿي. خيالات جي ادائگيءَ واسطي صرف عام ٻوليءَ تي ڪڙو هٿ ڪافي ناهي. جيڪڏهن ڪن ڏاهن جا قول يا ڪي ڏهڪندڙ شعر پنهنجي بيان ۾ شامل ڪيا، ته اهو اڃا زياده با مقصد ۽ پرڪشش ٿيندو. استاد کي گهرجي ته هر تقرير خواه بحث ۽ مضمون ۾ خيالن جي مناسبت سان موزون بيت ۽ اشعار شاگردن کي ٻڌائيندو ۽ ڪاپين ۾ نوٽ ڪرائيندو رهي. بهترائين آهي ته ڪن خاص خيالن ۽ نڪتن تي جدا جدا شاعرن جا شعر شاگردن کي لکائي ڪپن شعر يا نظم پڙاهيندي هر معنيٰ ۽ ساڳي مفهوم وارن بيتن جا مثال آسانيءَ سان ڏئي سگهجن ٿا، شاگردن ۾ شاعريءَ جي شناس ۽ ذوق پيدا ڪرڻ لاء استاد کي ڪي خاص تدبيرون اختيار ڪرڻ به ضروري آهن ان ۾ بيت بازيءَ جي چٽاڀيٽيءَ کي اختيار ڪري سگهجي ٿو شاگردن کي ڪي خاص موضوع يا نڪتا لکائجن، جن تي شاعرن جي ڪلام مان چونڊ بيت لکي اچڻ لاء چئجي يا ته وري شعري مقابلو ڪرائجي، جيڪو ٻن شاگردن درميان بيت بازيءَ تي مشتمل هجي. اول هڪڙو شاگرد ڪو بيت پڙهي، ٻئي شاگرد طرفان وري ان جي جواب ۾ اهڙو بيت پڙهيو وڃي جنهن جو پهريون اکر اهو ساڳيو هجي. جيڪو اڳ پڙهيل بيت جي آخر ۾ هو. اهڙيءَ طرح هي سلسلو هلندو رهي، جيڪڏهن ڪو فريق ان قسم جو شعر پيش نه ڪري سگهي ته ائين سمجهيو ته هو هارائي ويو.

## قلمي دوستي، انٽرويو ۽ آٽوگراف وٺڻ:

ٻارن کي معاشرتي آداب سيکارڻ، تعلقات وڌائڻ، منجهن صاف سٿرو علمي ذوق ۽ بلند خيالي پيدا ڪرڻ لاء هنن جي

مذاق مطابق، آکاڻيون، لطيفا، چونڊ شعر، نوان لفظ ۽ سهڻيون عبارتون لکي ايندا، جن کي گڏي ”ڪلاس رسالو“ ڇاپيو ويندو. اهڙيءَ طرح شاگردن کي اگر ذاتي ڊائري لکڻ جي ترغيب ڏني ويندي ته هو اِن مشغوليءَ مان ڪجهه لطف اندوز ٿيندا ۽ ان منجهان هنن جي تحريري قوت کي هٿي ملندي. لئبرريءَ جي استعمال مان به شاگردن کي ڪيترا فائدا حاصل ٿين ٿا، جن جو تفصيلي ذڪر مطالعي واري باب ۾ اچي چڪو آهي.

باب ٻارهون

# سبق جو خاڪو

مقصد ۽ عنوان:- مقصد کان سواءِ ڪوبه ڪم صحيح طور نباهي نٿو سگهجي. مقصد چاڻن بغير ڪو به قدم کڻڻ، اونده ۾ هٿوراڙيون هڻڻ جي برابر ٿيندو. سبق پاڙهڻ کان اڳ ۾ تدريس جو مقصد مقرر ڪرڻ نهايت ضروري آهي، ورنه استاد جي هرڪا ڪوشش لاحاصل ثابت ٿيندي. پرائمري ۽ ثانوي ڪلاسن ۾ مادري زبان جي تدريس جا مقصد اڳئي بيان ڪيل آهن، جن جو تت هيٺ ڏجي ٿو.

(١) شاگرد صحيح زبان ڳالهائي سگهي.
(٢) شاگرد صحيح طور پڙهي سگهي.
(٣) شاگرد صحيح نموني سان زبان لکي سگهي.
(٤) شاگرد زبان ۾ تقرير ۽ تحرير سمجهي سگهي.
(٥) زبان ۾ مهارت حاصل ڪري، امتحان ۾ ڪامياب ٿي سگهي.
(٦) مضمون نگاري ۽ انشا پردازيءَ جو ڏانءُ اچيس.
(٧) تقرير ۽ مباحثو روانيءَ سان ڪري سگهي.

اهي ته ٿيا مادري زبان جي تدريس جا ڪي مقصد، پر اهي سڀئي ڳالهيون نه ته هڪڙي وقفي ۾ سيکاري سگهجن ٿيون ۽ نه وري هر ڪنهن "سبق" ۾ اهي سڀئي مقصد سمايل هوندا آهن. ڌار ڌار سبقن ۾ جدا جدا عنوان ٿيندا آهن ۽ هر سبق جو جزوي مقصد الڳ هوندو آهي. سبق عام طور تي ٽن قسمن جا ٿيندا آهن. ١- معلوماتي ٢- مهارتي ۽ ٣- تاثراتي.

ڪلاس روم ۾ مختلف ڪچندڙ قدمن جي ترتيب ۽ درجيبنديءَ جو تعين ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح سبق جي مشڪلاتن کان اڳواٽ واقف ٿي، انهن جو حل تلاش ڪري وٺي ٿو. خاڪي جو مقصد هوندو آهي ته وقت ۽ صلاحيت جو بهترين استعمال ڪري، جيئن سکيا مان سٺا نتيجا حاصل ڪري سگهجن. سبقي خاڪي مان تدريسي موضوع جون حدون مقرر ٿي وڃن ٿيون ۽ استاد ان ڳالهه جو فيصلو ڪري وٺي ٿو ته ڪهڙي موضوع لاءِ، هن کي ڪهڙو طرز عمل اختيار ڪرڻ جڳائي. انهيءَ ڪري خاڪي تيار ڪرڻ مان وقت ۽ محنت ضايع ٿيڻ جا امڪان گهٽ رهن ٿا. اڳ سيکاريل ۽ نئين سبق، ٻنهي جي وچ ۾ ربط قائم ٿي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته تدريسي ٽيڪنڪ ۽ سکيا جي امدادي شين جو استعمال ڪرڻ جو اڳواٽ فيصلو ڪري وٺجي ٿو، جنهن مان تدريس زياده دلچسپ ۽ اثرائتي بنجي وڃي ٿي ۽ اهڙي طريقي سان استاد سبق کي پوري اعتماد سان پاڙهي سگهي ٿو.

سبق جو خاڪو هيٺين طريقي سان مرتب ڪيو وڃي:

# سبق جو خاڪو

١ــ عنوان

٢ــ مقصد

٣ــ طريقا

٤ــ امدادي شيون

٥ــ رٿابنديءَ جو مجموعي طريقو

الفــ ذهني آمادگي

بــ يونٽ جو واڌارو (تدريسي قدم)

جــ مشغوليون

دــ جائزو

هــ گهرو ڪم

## سنڌي نثر جو سبق

معلوماتي سبق:- انهن سبقن مان شاگردن کي آسپاس جي ماحول متعلق ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. معلومات وڌڻ سان انساني ذهن جي نشوونما ٿئي ٿي. انهن سبقن جو مقصد هوندو آهي، ته شاگردن ۾ ذهني رد عمل پيدا ٿئي، جيئن هنن جو ذهن شين جي معنوي لاڳاپن کان واقف ٿي سگهي. لاڳاپن جي ڄاڻ جيترقدر وڌندي، شاگردن جي معلومات ۾ به اوترقدر اضافو ايندو. شاگرد انساني ماحول جي معلومات حاصل ڪرڻ سان گڏ، انساني تعلقات ۽ ماحول جا به ڪيترائي لفظ سکي وٺي ٿو، جنهن ڪري شاگردن جي لفظي ذخيري ۾ گهڻو اضافو اچي ٿو.

### سبقي خاڪو

ڪلاس ڇهون　　　موضوع سنڌي نثر (ڪـهرو مطالعو)

عمر ١٠-١١ سال　　　سبق جو عنوان: ٻيلن مان فائدا

گهربل سامان:-

بورڊ، چاڪ، ڊسٽر، تصويرون

گهاٽي ٻيلي جي تصوير.

مقصد:

"ٻيلن مان فائدا" سبق اهڙيءَ طرح پڙهڻ، جو شاگرد.

(الف) سبق جي عبارت صحيح اُچارڻ سان پڙهي سگهن.

(ب) عبارت جو مفهوم سمجهي سگهن.

(ج) پنهنجي لفظي ذخيري ۾ اضافو آڻي سگهن.

(د) پاڻ ۾ مطالعي جو شوق پيدا ڪري سگهن.

**اڳوڻي واقفيت:**

شاگرد، وڻن ۽ ٻوٽن کان اڳيئي واقف آهن.

وڃي، انهين ڪرڻ سان سبق جو مفهوم خود بہ خود واضح ٿيندو هلندو.

(٢) ان کان پوءِ ڪنهن شاگرد کان عبارت پڙهہ ڏجي. پڙهائيءَ دوران غلط اُچارن ڪيل لفظن کي بورڊ تي لکندو رهجي. سبق پوري ٿيڻ بعد تلفظ جي اصلاح لاءِ قدم کڻبو وڃي. هيٺ ڄاڻايل لفظن ۾ غلطين ٿيڻ جو امڪان آهي، جيڪي شاگرد صحيح طور پڙهي نہ سگهندا.

آٿاهہ – لٿي – مڇ – ٻسي ۽ ٻٽي – سرن، ڏلها ۽ سگهہ

انهن اُچارن جي اصلاح بورڊ تي ڪرڻ کپي. انهن حرفن تي خاص طور اعرابون ڏيون وينديون، جتي ڪا غلطي ٿي وئي هجي

**(ب) مشغوليون:**

عبارت خوانيءَ کان پوءِ هيٺين سوالن مان شاگردن کان عبارت جو مفهوم ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ جنهن ۾ ضرورت ۽ موقعي آهر ڪن تصويرن جو استعمال بہ لازمي طور ٿيندو.

١- ٻيلا زرعي زمينن کي زرخيزيءَ ۾ ڪيئن ٿا مددگار ٿين؟
٢- ٻيلن مان ڪهڙن ڪهڙن قسمن جو ڪاٺ ملندو آهي؟
٣- غريب ماڻهو پکا ۽ لوڙا ڇا مان ٺاهيندا آهن؟
٤- چراگاهہ ڇا کي چئبو آهي؟
٥- سرن ۽ ڪانن مان ڇا ڇا ٺاهيو ويندو آهي؟
٦- ٻيلا ٻوڏن کي ڪهڙيءَ طرح ٿا روڪين؟
٧- هيٺين ڏکين لفظن جي معنيٰ ڪرائي ويندي:

زرخيزي – اجڙيل – بحال رکڻ – بيشمار – بخار – پٽ ۽ پوڙا.

٣- هيٺين اصطلاحن جي تشريح ۽ مفهوم شاگردن کان ڪڍايو ويندو:
ڇيڪ ڇرڻ - مڇي مواڙ ٿيڻ - ڏڪار ٽڙجڻ.
٤- هيٺين لفظي بناوتن جا نحوي ۽ صرفي نڪتا شاگردن کي سمجهايا ويندا:
ڏرتيءَ جا زبور، بچاءُ بند، پرڏيهي ناڻو، گذربسر

## (ث) جائزو:

١- شاگردن کان سبق جي خاموش خواني ڪرائي ويندي.
٢- ٻن ٽن شاگردن کان سبق جو خلاصو بيان ڪرايو ويندو.
٣- ڏکيا لفظ ۽ اصطلاح شاگردن کان جملن ۾ استعمال ڪرايا ويندا. ڇيڪ ڇرڻ - مڇي مواڙ ٿيڻ زرخيزي بحال رکڻ وغيره.
٤- چند شاگردن کان پڙهيل سبق فرداً فرداً پڙهايو ويندو.

## گهر جو ڪم:

شاگردن کي "ٻيلن مان فائدا" تي هڪ مختصر مضمون لکي اچڻ لاءِ چيو ويندو.

## سنڌي نظم جو سبق

نظم جي سبق جا ٻه پاسا ٿين ٿا. ١- نظم جي مفهوم جي تشريح ٢- نظم جي تاثرات مان لطف اندوزي، پر نظم مان لطف اندوز ٿيڻ ايستائين ممڪن ناهي، جيستائين شاگرد ان جو مطلب نه سمجهن ۽ سندن واٽ مان ڏکين لفظن جون دقتون دور نه ٿي وڃن. ان ڪري پهرين نظم جو مفهوم سمجهائڻ گهرجي، ان کان پوءِ نظم جون لساني ۽ شعري وصفون پڌائي

شاگردن جي ذوق جي تربيت ڪرڻ گھرجي، جيئن صحيح طور تي نظم مان لطف اندوز ٿي سگهن، ان ڪري عملي سبق ۾ بہ ڳالهيون هئڻ گهرجن، جو تہ سبق جو خاص مقصد آهي تہ شاگرد مادري ٻوليءَ ۾ دلچسپي وٺن.

## سبقي خاڪو

ڪلاس ناڻون — موضوع، سنڌي نظم

عمر ۱۳-۱۴ سال — سبق جو عنوان "نظم"

شاعر: محمد صديق مسافر

### گھربل سامان:

بورڊ، چاڪ، ڊسٽر، تصويرون
(وسندڙ مينهن جو ڏيک، ايريل ساوڪ ۽ سرڇيءَ جو نظارو، ندين ۽ نين ۾ اُٿل، آسمان ۾ ڪڪرن ۽ ڪنوڻين جو ڏيک)

### مقصد:

(الف) "مسافر" جو نظم اهڙيءَ طرح پاڙهڻ، جو ان جو مفهوم شاگردن تي ذهن نشين ٿي وڃي. (ب) شاگرد نظم جي استعارن، تشبيهن، تخيل ۽ زبان مان لطف اندوز ٿين. (ث) شاگردن جو مادري ٻوليءَ ۾ گھڻو چاهہ پيدا ٿئي.

### تعليمي طريقو:

مٿين مقصدن کي مدنظر رکندي، انهن جي تڪميل خاطر هيٺيون طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي:

(۱) نظم جي شعرن کي سرائتي ڍنگ، صحيح ۽ اثرائتي پيرائي ۾ پڙهڻ جو طريقو سمجھائڻ، غلط اچارن جي اصلاح ڪرڻ شعرن جي مفهوم تي سوال پڇي، ڏکين لفظن جي معني ڪيائڻ،

**اڳوڻي واقفيت:**

شاگرد مينهوڳي جي موسم جي منظر کان اڳيئي واقف آهن، گرميءَ ۾ تکي اس، گرم هوائون لڳنديون آهن، مينهوڳيءَ کان پوءِ چوڌاري ٿڌڪار ٿيندي آهي. هنن کي خبر آهي ته ان وقت فضا ۾ ڪهڙي رونق ايندي آهي. ندين ۽ واهن ۾ پاڻي آٿلي ايندو آهي ۽ هاري ناري ۽ ٻيا ماڻهو خوش نظر ايندا آهن.

**چڪاس:**

ان اڳوڻي معلومات کي جانچڻ لاءِ هيٺيان سوالات ڪر ڪرڻ گهرجن، جيئن شاگردن جي معلومات تازي ٿئي ۽ نئين سبق سان ذهني ڳانڍاپو ٿئي.

| | امڪاني جواب |
|---|---|
| ١- گرميءَ جي مند ۾ ماڻهو برسات کي ڇو چاهيندا آهن؟ | گرمي گهٽجي ٿي ۽ ٿڌڪار ٿئي ٿي. |
| ٢- برسات ۾ ڪهڙا نظارا ڏسبا آهن؟ | ڪڪر ڏسبا آهن، وڄ چمڪندي آهي ۽ گجگوڙ ٿيندي آهي. |
| ٣- برسات جي مند کي ٻين ڪهڙن نالن سان سڏبو آهي؟ | ساوڻ، وسڪارو ۽ سارنگ وغيره. |

مينهن پوڻ کان اڳ گرميءَ جي موسم، تپش، لڪون، ماڻهن جي بيحالي، برسات ڪانپوءِ ندين واهن جي آٿل، ساوڪ ۽ گلزاريون، ماڻهن جي خوشحالي ۽ وڻن ٽڻن ۽ باغن جي رونق.

**مقصد:**

اسم خاص ۽ عام ۾ فرق معلوم ڪرڻ ۽ ان لاءِ استعمالي مشق جي زبان جي صحت ذهن نشين ڪرائڻ ۽ ان ۾ دلچسپي پيدا ڪرڻ.

**تعليمي طريقو:**

هن ۾ استقرائي طريقو استعمال ڪيو ويندو يعني ٿسه چاتل مثالن مان اسم عام ۽ اسم خاص جي وچ ۾ فرق سمجهايو ويندو ۽ ان بابت مشقون ڪرايون وينديون.

**اڳوڻي معلومات:**

شاگرد اسم ۽ فعل کان اڳيئي واقف آهن ۽ اها به چاڻ ائن ته جملو ڇا ٿيندو آهي.

**چڪاس:**

هيٺيان جملا بورڊ تي لکيا ويندا.
(۱) ڇوڪر راند ڪيڏي رهيو آهي.
(۲) هن شهر مان سائيڪل آندي.
(۳) دريا سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو.

ان کانپوءِ اڳوڻي معلومات جي چڪاس لاءِ شاگردن کي چيو ويندو ته هو انهن جملن کي پڙهن ۽ انهن مان اسم ۽ فعل ڳولهن.

**تدريسي قدم:**

ان بعد هر جملي بابت هيٺين طرح سان بحث ڪيو ويندو.

(۱) پهرين جملي مان مراد ڪهڙي ڇوڪري جي آهي؟ ڪنهن به ڇوڪر جو نالو ورتل ناهي ۽ نه ڪنهن خاص ڇوڪر

لکيل آهن يا نہ؟ شروعات ۽ پڇاڙي صحيح آهن يا نہ؟ خط جو مضمون مطلب تہ پورو اثري ٿو؟ ان ڪان سواءِ تهذيب ۽ آداب، خيالن جي ترتيب اسلوب ۽ جاذبيت وغيره ڪانسواءِ هجي ۽ عبارت تي بہ نظر رکڻ ضروري آهي.

## سبقي خاڪو

ڪلاس ستون — موضوع: سنڌي خط نويسي

عمر ۱۲-۱۳ سال

**عنوان:**

دوست ڏانهن خط لکو تہ "اسان جو اسڪول هر لحاظ کان سٺو آهي، توهان بہ ڪوشش ڪري ان اسڪول ۾ داخل ٿيو."

**گهربل سامان:** بورڊ، چاڪ، ڊسٽر، چارٽ، پوسٽ ڪارڊ ۽ لفافو.

**مقصد:**

۱- دوست ڪي خط لکڻ، جنهن ۾ اسڪول جي خوبين جو ذڪر هجي ۽ اها صلاح ڏنل هجي تہ هو بہ ساڳي اسڪول ۾ داخلا وٺي.

۲- سٺي خط لکڻ جون خوبيون پيدا ڪرڻ ۽ وڻندڙ پر لطف ٻوليءَ ۾ خيالن جي اظهار جي سگهہ ڏيڻ.

۳- تخليقي اظهار جي قوت پيدا ڪرڻ.

**چڪاس:**

هيٺ ڄاڻايل سوالن سان خط نويسيءَ بابت شاگردن جي معلومات جي چڪاس ورتي ويندي.

۱- توهان ڪڏهن پنهنجي مائٽ يا دوست ڪي خط لکيو آهي؟

٢- پنهنجي چاچي کي لکڻو هجي ته، ان جي شروعات ڪيئن ڪندا؟

٣- خط جي آخر ۾ ڇا لکندا؟

٤- پنهنجي گهر جو پتو، خط ۾ ڪهڙي جاءِ تي ۽ ڪهڙيءَ طرح لکندا؟

٥- خط ۾ اصلي مدعا ۽ مطلب لکڻ کان سواءِ ٻيو ڇا لکڻ ضروري آهي؟

## خاص نڪتا سمجهائڻ:

مٿين سوالن جي جوابن کان پوءِ شاگردن کي هڪ چارٽ ڏيکاريو وڃي، جنهن ۾ پوسٽ ڪارڊ ۽ لفافي جي تصوير هجي، جنهن جي ذريعي اها ڳالهه سمجهائي وڃي ته خط ۾ سرنامي لکڻ جو صحيح طريقو ڪهڙو آهي. ان کان پوءِ چارٽن ذريعي شاگردن کي ٻن قسمن جي خطن ڏانهن ڌيان ڏياريو وڃي، جن ۾ هڪ خط درست انداز ۾ لکيل هوندو ۽ ٻيو هر لحاظ کان اڻنگو ۽ ردي پر موضوع ٻنهي جو ساڳيو هوندو.

## خراب خط جو نمونو:

جولاءِ ٨-٨٠

خدمت ۾ جناب دوست صاحب

بعد سلامن جي لکجي ٿو ته، هت سڀ خير آهي ۽ اوهان ڏانهن به خير هوندو. توهان جو خط مليو ۽ توهان جي پاس ٿي وڃڻ جي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. منهنجي طرفان مبارڪ ڪبول ڪندا ۽ سيني ياتين کي دعائون سلام چوندا.

توهان جو دوست غلام نبي.

## موزون ۽ سٺي خط جو نمونو:

ڪمرو نمبر ٢٤- مسلم هاسٽل
حيدرآباد سنڌ
٢٥ جولاءِ ١٩٨٠

منهنجا پيارا دوست!

اسلام عليڪم،

توهان جو نوازش نامو مليو، مون کي پڙهي سچ پچ ڏاڍي خوشي ٿي. ڏاڍي سڳوري جا لکين شڪرانا، جو اوهان امتحان ۾ شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، جنهن جا توهان بلڪل لائق هئا. توهان جهڙا محنتي هميشه سرخرو ٿين ٿا ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي والدين، اسڪول جو نالو روشن ڪن ٿا. توهان جو پڙهائيءَ ۾ چڱو چاهه ڏسي پڪ اٿم ته زندگيءَ ۾ اڃا گهڻيون ڪاميابيون ڏسندا. منهنجي طرفان دلي مبارڪ قبول ڪندا. بابا ۽ ادا جن توهان جي خبر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ توهان کي گهڻا سلام ۽ پيار ڇيا اٿن.

هاڻي ته توهان کي نتيجي جي ڳڻتي به لٿي، حيدرآباد ڪڏهن ايندا؟ توهان جو وعدو هو، اهو واعدو هاڻ پورو ٿيڻ کپي، پنهنجي سڀني عزيزن ۽ بزرگن کي منهنجي پاران سلام ۽ مبارڪون ڏيندا.

اوهان جو مخلص دوست،
رحمان.

### خط جون خوبيون ذهن نشين ڪرائڻ:

شاگردن کي چئجي ته آهي ٻئي خط پڙهي ٻڌائين ته ڪهڙو خط صاف ۽ سهڻو آهي ۽ ڇو؟ اهڙيءَ طرح سٺي خط جي خراب خط سان ڀيٽ ڪري، خوبيون بورڊ تي لکيون وڃن.

۱- سرو درست آهي:- [خط جو هنڌ ۽ تاريخ جي لکڻ جي جاءِ ۽ طريقو صحيح آهي.]

۲- خطاب ۽ القاب مناسب:- [درجي جي حيثيت جي لحاظ کان مخاطب تِهن جا لفظ موزون آهن.]

۳- شروعات درست آهي:- [انداز بيان جي لحاظ کان خط جي شروعات صحيح آهي.]

۴- مضمون درست آهي: [ٻولي جي قاعدن، لفظن جي چونڊ هجي، اسلوب ۽ دلچسپي ۽ مطلب جي وضاحت جي لحاظ کان مضمون بلڪل درست آهي.]

۵- پڇاڙي صحيح ڪيل آهي:- آخرين جملا خط جي پڇاڙي سهڻي نموني ڪن ٿا، صورت خطي ۽ اکر سهڻا ۽ سڌا آهن.

**سبق جو اعلان:**

مٿين بحث کان پوءِ شاگردن کي چئو ويندو ته هو سڀ خط جون خوبيون ٻڌائن ۽ رکي پنهنجي دوست کي هڪڙو خط لکن، جنهن ۾ پنهنجي اسڪول جون خوبيون ٻڌائي کيس صلاح ڏني وڃي ته هو به ساڳي اسڪول ۾ داخلا وٺي.

**تدريسي قدم:**

مضمون جا خاص نڪتا ظاهر ڪرڻ:- خط لکڻ جو طريقو زباني ڪيائڻ کان سواءِ، خط جي موضوع ۽ مطلب بابت شاگردن کان هيٺيان نڪتا سوالن ذريعي ڪيرايا وڃن.

## اسڪول جون خوبيون

عمارت سٺي، ماحول يا پسگردائي سٺي، استاد آزمودگار، شفيق ۽ مهربان. ٻين تعليمي ادارن کي نزديڪ هئڻ جو فائدو، صحت جو خيال، نتيجا سٺا، مفيد غير نصابي شغل، صفائي عمدي، نظم ۽ ضبط سٺو، تعليمي سامان شاندار، هاسٽل ۾ قيام ۽ طعام جو سٺو انتظام وغيره.

### تحريري قدم:

ان کان پوءِ شاگردن کي چئجي ته هو پنهنجي خيالن کي اهڙيءَ ريت بيان ڪن، جو ان کي سٺو ۽ دلچسپ خط چئي سگهجي.

### اصلاح ۽ تبصرو:

شاگرد خط لکڻ ۾ مصروف هوندا، استاد ڪلاس ۾ چڪر ڏيندي، انهن جي غلطين ڏانهن توجه ڪندو. انفرادي غلطيون انفرادي طور درست ڪرائيون وينديون، پر جيڪي مشترڪ غلطيون هونديون، تن جي اصلاح بورڊ تي ڪئي ويندي، جيئن سڀئي شاگرد سکي سگهن. آخر ۾ ٻن ٽن شاگردن کان اکيل خط پڙهائي، انهن تي مختصر تبصرو شاگردن جي مدد سان ڪيو ويندو ۽ غلطيون درست ڪيون وينديون. ڪلاس جي شاگردن جون ڪاپيون گڏ ڪري رکنديون وينديون ۽ فراغت جي وقت ۾ انهن ۾ ڪيل غلطين جي درستي ڪئي ويندي.

ثابت ٿيندو، جڏهن جائزي جو عمل لاڳيتو رهي. (٢) چڪاس درس تدريس جي پروگرام جو لازمي حصو هئڻ گهرجي. (٣) جائزو يا چڪاس عملي اشتراڪ جي اصولن سان ٻڌل هجي. (٤) جائزي مان استاد جو ڪردار نمايان ٿئي ٿو. (٥) جائزي جو استعمال مقصد جي روشنيءَ ۾ هئڻ گهرجي. (٦) جائزي يا چڪاس لاءِ وقت بہ وقت مختلف طريقا آزمائڻ ضروري آهن.

ڏينهون ڏينهن، اڃا وڌندڙ آهي، جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا ته هر ميدان ۾ سنڌي تعليم ڪارگر ۽ اثرائتي ٿئي ته هڪ قديم ۽ جديد لفظن جي مستعمل لغت ڪانسواءِ ٻيا امدادي ڪتاب به ميسر ڪرڻا پوندا. تعليمي بورڊن ۽ ادارن کي ان سلسلي ۾ قدم وڌائڻ کپي، جيئن ٻوليءَ جي سکيا آسان بڻجي سگهي ۽ استاد توڙي شاگرد ان مان ڀالمرادو استفادو حاصل ڪري سگهن.

پورو ٿيو

# انمول تجويز

يادگار پبلشرز جا
ڪامياب رهبر اوهانجي يقيني ڪاميابي
جي ضمانت آهن جيڪي تعليم جي ماهرين ۽
تجربيڪار استادن جي محنت جو قيمتي سرمايو آهن
اسانجي اداري اوهانجي آسانيءَ لاءِ سڀني مضمونن
يعني سنڌي، رياضي، سماجي اڀياس، سائنس، عربي
دينيات ۽ انگريزي جا رهبر شايع ڪيا آهن
جيڪي
سنڌ جي سڀني ڪتاب فروشن وٽ دستياب آهن
رهبر خريد ڪرڻ وقت
اوهان هن ڳالهه جي پڪ ضرور ڪندا ته هي
سنڌ جي مشهور ۽ معروف اداري جا
شايع ڪيل آهن
جيڪي يقيني اوهانجي ڪاميابي
جي ضمانت آهن

## يادگار پبليشرز

يادگار لين حيدرآباد

| قيمت | تعداد | دفعو |
| --- | --- | --- |
| 12.00 | هڪ هزار | پهريون |

# پَڙهندڙ نَسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو. پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڀِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)